سنڌ ۾ فارسي ٻوليءَ جي پوئتي پوڻ (زوال) جا ڪارڻ

ليکڪ: ايم ايڇ پنهور
سنڌيڪار: عمر سومرو

(17 نومبر 1973 تي حيدرآباد ۾ ايران جي ثقافتي مرڪز ۾ ان موضوع تي ٿيل سيمينار ۾ ڪيل تقرير جو ترجمو)

”هڪ مقالي ۾، جنهن گهڻن ڪي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو، ڊاڪٽر دائودپوٽي چيو هو ته: عربن پاران سنڌ فتح ڪرڻ وقت (711-12ع) سنڌ ۾ ڪم آندي ويندڙ سرڪاري ٻولي فارسي هئي. هي چوڻ اڄ به ائين ئي سچ ۽ درست آهي.

هن بيان جي سچائي پرکڻ لاءِ اسان 2500 سال پوئتي وڃون ٿا. 505-545ع.م (عيسيٰ مَهَند يعني عيسيٰ کان اڳ) ڌاري ڪياني بادشاهه سائرس بلوچستان جا سنڌ سان لڳندڙ ڀاڱا فتح ڪيا. دارا-پهرئين سلطنت ۾ آراميءَ کي سرڪاري ٻولي ڪري لاڳو ڪيو. پاڪستان (هاڻوڪو) ۾ سندس عملدار ۽ سپاهُ اَوَستي (پراڻي فارسي) ڳالهائيندا هئا. پڻس زرڪزز يونانين سان يورپ ۾ وڙهڻ لاءِ سنڌي فوجي ڀرتي ڪيا. هي هڪ وڏيڪ لاڳاپو هو فارسيءَ سان. ايستائين جو ڪيانين جو اقتدار ڍرڪڻ ۽ ننڍين ننڍين ديسي بادشاهين پاران دير ۾ دير 400ع.م تائين اقتدار سنڀالي وٺڻ تائين به فارسي سرڪاري ٻولي ٿي هلندي رهي. سڪندر جي فتح (329-325) تائين سموري سنڌو ماٿري ڪوڙ سارن ننڍن ننڍن سردارن جي راڄ هيٺ اچي چڪي هئي ۽ فارسي پوئتي پوندي لڳي ٿي. سڪندر جي هند ۾ سلطنت سندس مرڻ جي ٽن سالن اندر پڄي پورا ٿي وئي. اقتدار مورين جي هٿ آيو. انهن 137 سال (321 کان 184ع.م) راڄ ڪيو. مورين جي ڏينهن ۾ فارسي اجا پوئتي پئي. انهي جي جاءِ تي پالي ۽ سنسڪرت ڌرمي ۽ سرڪاري ٻوليون ٿي اُسريون.

موريا راڄ جي ڊهڻ 184ع.م ڌاري سنڌ ۽ اولهه پاڪستان ۾ باختري يونانين کي آندو. هي يوناني بادشاهه باختر يا بلخ جا هئا، جيڪو انوقت ايران جو حصو هو. انهن جو سپاهُ ايراني هو. اهي سِڪا يوناني لکتن وارا ڇاپيندا هئا، پر سندن سپاهه فارسي ڳالهائيندو هو. باختري يونانين (دميتريَس، مَنيندر وغيره) جو سنڌ ۾ راڄ ٿورڙو هليو ۽ 100 کن سالن کانپوءِ سِٿيُن (80ع.م کان 17ع) کانئن راڄ ڦُريو، جيڪي ايران جي ئي هڪ ڀاڱي سِٿيا يا اولهه سيستان يا سَڪستان جا هئا. سِٿيُن سنڌ ۽ سنڌو ماٿريءَ تي اٽڪل 150 سال راڄ ڪيو ۽ کانئن راڄ پارٿين (17-65ع) ڦُريو جن وري سنڌ تي

اٽڪل 50 سال راڄ ڪيو. پارٿي ٻه ايران جي ئي صوبي خراسان جا هئا. انهن ايرانين جي لاڳيتي راڄ اَوَستي يا پراڻي فارسيءَ جي اثر کي سنڌ ۾ هاڻوڪي اولهه پاڪستان ۾ نئين سِر ڏاڍو ڪيو. 65ع کانپوءِ پارٿين جي جاءِ تي ڪُشان (چين جا يُوئي چِي، پر لڳ ڀڳ ٻن صدين کان وچ ايشيا ۾ وسيل) آيا، جن لڳي ٿو ته پارٿي گورنرن کي ئي سنڌ تي سندن پاران ڪجهه عرصي لاءِ راڄ هلائڻ ڏنو، پر سُتت ئي سِٿيُن سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ اتر گجرات تي قبضو ڪري ورتو. ان ليکي فارسيءَ جا موريا سلطنت جي ٻين صدي ع.م ۾ ڍرڪڻ کانوني پير کُتل ئي رهيا.

283 کان 617ع جي وچ تي ساساني ايرانين سنڌو ماٿري ڪجهه ڀيرا فتح ڪئي ۽ هٿان ڦُرائي. جيتوڻيڪ سندن راڄ ٿورڙو هليو، پر فارسي هر ليکي هلندي رهي. ٿي سگهي ٿو ته سنڌ جي راءِ گهراڻي فارسيءَ کي لکپڙهه ۾ ڪاتن رکڻ جو ذريعو ڪري ڪم آندو هجي. تنهنڪري اهو چوڻ اڃرج جوڳو نٿو لڳي ته عربن سنڌ فتح ڪرڻ وقت فارسيءَ کي سرڪاري ٻولي اچي ڏٺو هجي، جيئن ڊاڪٽر دائودپوٽي جو چوڻ آهي. فارسيءَ جو سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ سان انهي وقت ساٺ 1250 سال پراڻو هو. انهي سنڌي ٻوليءَ تي ڊگهو عرصو هلندڙ اثر ڇڏيو.

عربن پاران 711-714ع ۾ سنڌ فتح ڪرڻ کانپوءِ فارسيءَ جي جاءِ عربيءَ ورتي. اهو فارسيءَ لاءِ هڪ ٻوليءَ طور سڀ کان وڏو ڌڪ هو ۽ ڪيس اهو ڌڪ پچائڻ ۾ ٽن صدين کان وڌيڪ عرصو لڳي ويو. عربي فارسيءَ جي ويندي سندس پنهنجي گهر ايران ۾ به سرڪاريءَ ٻوليءَ طور جاءِ ونئي چڪي هئي. عباسي درٻارن تي ايراني امير ۽ وزير ڇانيل هئا، پر لکپڙهه نياپا گهڻي ڀاڱي عربيءَ ۾ ٿيندا هئا. عباسي خليفن جو اقتدار ڍرڪڻ سان فارسيءَ ڏهين صديءَ ۾ وري پير کوڙيا. ڏهين صديءَ ۾ سنڌ ۽ ملتان ايندڙ گهومڙائن، جن کي پُل وچان جاگرافيدان سڏيو وڃي ٿو، عرب قبيلن ۾ عربيءَ کي ۽ سنڌين ۾ سنڌيءَ کي سرس هلندي ڏٺو، پر ٻين هنڌن تي 951ع ڌاري عربيءَ بجاءِ فارسي هلندي ڏٺائون. سنڌ ۾ عربن جي فتح کانوني 150 سالن جي لاڳيتي وڳوڙ فتح کان اڳ ۽ پوءِ سرجيل فارسي ۽ سنڌي ادب کي هڻي بنهه ناس ڪري ڇڏيو.

ان ليکي اهو چوڻ ته فارسي پهريون ڀيرو محمود غزنويءَ جي فتح ڪيل علائقن ۾ آئي درست ناهي. اهو پاڻ پنهنجي سِر ايراني هو ۽ فارسيءَ کي عربيءَ جي جاءِ ونرائڻ ۾ ٽيڪ پرائيندو ٿو ڏسجي. اهو عظيم فارسي شاعر فردوسيءَ جو هڪ سرپرست هو.

1024ع کانوني فارسي سرڪاري ٻولي رهي. غزنوين جو ملتان ۽ اتر سنڌ تان قبضو 1040ع ڌاري تختو اونڌو ٿيڻ سبب ختم ٿي ويو، پر فارسي سرڪاري ٻوليءَ طور هلندي رهي. لڳي ائين ٿو ته

فارسيءَ جو عربيءَ جي جاءِ وٺڻ ڏهين صديءَ جي وچ تي عباسي خلافت جو مرڪزي اقتدار ڍرڪڻ ڪانوني هوريان هوريان شروع ٿي چڪو هو ۽ پرانهان صوبا سياسي زور وٺڻ لڳا هئا ۽ ساڳئي وقت، هوريان هوريان ئي سهي، عربيءَ ڪي ڇڏي فارسي ڪم آڻڻ شروع ڪري چڪا هئا.

سومرن، جيڪي يارهين صديءَ جي مُنڍ ڌاري چڙهيا ۽ جن جي وڏي خفيف ڪي محمود غزنويءَ شڪست ڏني، لاڙ سنڌ تي ايندڙ ساڍيون ٽي صديون بنا رنڊَ روڪ راڄ ڪيو. رڳو ٽي پيرا ٿوري ٿوري عرصي لاءِ دهلي سلطنت جو ٻيلپو قبوليائون. اتر سنڌ ٻارهين صديءَ جي اَسيءَ واري ڏهاڪي ۾ دهليءَ جي سلطانن هٿان قُربي لُٽبي تي ڏسجي. انهي ڪانوني فاتحن جي ٽَر ڇڏيندي يا هيٺو ٿيندي سَٽِ ٽَر وارا آزادي ماڻي رهيا هئا. سمن، جن سومرن ڪان راڄ ڦُريو، سنڌ تي 1333ع ڪان 1320ع تائين راڄ ڪيو. اٿندي سندن راڄ رڳو لاڙ سنڌ تي هو، پر هوريان هوريان پنهنجو راڄ يا هلندِي پُجندِي اتر پاسي سنڌي ڳالهائيندڙ علائقن جي وڏي ڀاڱي تائين وڌايائون. تيرهين صديءَ جي مُنڍ ڪان 1350ع تائين دهلي سرڪار منگولن جي ڪاهُن ڪي مُنهن ڏيڻ واري سخت سياسي ضرورت هيٺ سيوهڻ، بکر ۽ اُچ پاڻ وٽ رکيا هئا.

منگولن ڪوئٽا-زهوب ۽ لورالائي واري ٽاڪرو علائقي تي قبضو ڪري ورتو هو ۽ سرحد (هاڻ خيبر پختونخوا) ۽ ديرا غازي خان تائين پنجاب جا سنڌوءَ جي ساڄي پر وارا سمورا علائقا والاري ورتا هئائون. سندن اڳتي وڌڻ روڪڻ لاءِ مٿين ٽنهي مضبوط هنڌن جو دهليءَ جي ڪنٽرول ۽ قبضي هيٺ هجڻ ضروري هو. اهو ئي ڪارڻ هو جو محمد تغلق ۽ فيروز تغلق ڪي لاڙ سنڌ تي ڪاهه ڪرڻ ضروري ٿي پيو ۽ پهريان ته نبيرو جنگ ۾ ڳوليائون، پر انهي ۾ ناڪاميءَ تي ڏاها ۽ عالم نٿي ۾ گڏ ڪري مذهبي سياست ڪم آندائون. ويندي پندرهين صديءَ تائين منگول ڏاهن ۽ وچ ايشيا جي عالمن ڪي سنڌ جي درٻارن ۾ فارسي ٻوليءَ ڪي اوسر ڏيارڻ لاءِ جاءِ ڏني وئي. هن سان سنڌ ۾ فارسي علم ۾ ويتر واڌرو آيو.

فارسيءَ ڪي سنڌ ۾ اجا به هڪ تمام وڏو ڪاپاري ڌڪ 1524ع ۾ لڳٿو هو. شاهه بيگ ۽ شاهه حسن ارغون جي سنڌ تي راتاهن، ڪاهُن ۽ فتح ۽ انهن هٿان سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي تباهي، ڦُر لُٽ ۽ ڪوسَ فارسي توڙي سنڌي ٻنهي جو يارهين صديءَ جي مُنڍ ۾ سومرن جي چڙهڻ لاڪر سرجيل ادب تباهه ڪري ڇڏيو. 1525 ڪان 1600ع تائين وارن سالن تمام وڏي انگ ۾ ڏاهن، شاعرن، درويشن ۽ سڪين ستاٻن ماڻهن ڪي پنهنجو اباڻو ديس سنڌ ڇڏي سِرَ بچاءَ جي جاءِ جي ڳولا ۾ گجرات، برهانپور ۽ مڪي ڏانهن لڏي ويندو ڏٺو. ماڻهن لاءِ امن امان بنهه نه هو ۽ ساجاهوندن لاءِ ويتر نه. چاڪاڻ ته سنڌي سولائيءَ سان منگولن جي چڱمڙسي قبولڻ وارا نه هئا. سندن ڏِڪار ۽ مُهاڏي ڪي شاهه بيگ ۽

شاهہ حسن بيرحميءَ سان ڳوٺ ساڙائي ۽ ڪوس ڪرائي ڇتيو. شاهہ حسن پنهنجي تباهيءَ واري ڪم ۾ رُذل ئي هو تہ همايون جي سنڌ ڏانهن ڀاڄ (1540-1543ع) سندس لاءِ وڏيڪ ضروري ٻٽائي ڇڏيو تہ اهو سنڌ کي بنهہ نہ رهڻ جوڳو ۽ همايون لاءِ اٽوٽندڙ ٻٽائي ڇڏي. اهو مقصد واهڻن وسندين کي ٻاهيون ڏياري، فصل تباهہ ڪرائي ۽ همايون سان مهاڏو اٽڪائڻ لاءِ گهربل ڪجهہ شهرن کي ڇڏي ٻين سمورن کي ڦٽائي سولائيءَ سان پرايو ويو.

سومرا ۽ سما راڄ جي 500 سالن کان وڏيڪ عرصي ۾ سرجيل فارسي ۽ سنڌي ادب فارسي تاريخ چچنامي ۽ درجن کن شاعرن جي سنڌي شاعريءَ کي ڇڏي سمورو ناس ڪيو ويو.

جيڪو ٿورو گهڻو ادب بچيو، اهو سنڌ جي راڄڌاني ٺٽي ۾ هو. شاهہ حسن جي مرڻ تي ترخانن ۽ بکر جي اڳوٽي گورنر وچ ۾ ٿيل جهيڙو پورچوگيزن کي سڏڻ جو ڪارڻ بڻيو، جن ٺٽي کي باهہ ڏئي ارغونن جو سنڌي ڪتابن کي ناس ڪرڻ وارو اڌ ۾ ڇڏيل ڪم پورو ڪيو.

1525-1600ع وارن سالن وچ ايشيا مان فارسي ڏاهن کي ملڪ اندر ايندي پڻ ڏٺو. شاهہ حسن وچ ايشيا جي سمورن ٻين منگولن وانگر وڏو ظالم هو ۽ انهن ئي وانگر ڏاهن جو گهورو بہ. وڏي انگ ۾ فارسي ڏاها خال پرڻ سنڌ آيا. بدقسمتيءَ سان انهن جي شاعرن ”گل“ ۽ ”بُلبُل“ تي ڳايو جيڪي ٻئي سنڌ جي ڌرتيءَ تي اوپرا هئا. انهن ڪڏهن پنهنجي چوڌاري ماحولن جي ڳالهہ ڪانہ ڪئي ۽ جيتوڻيڪ انهن جا ڪتاب بچي ويا پر انهن ڪڏهن بہ سنڌي شاعريءَ جي سرجڻ جو اتساهہ پيدا ڪرڻ وارو ڪم نہ ڪيو.

سلطان محمود پاران رضا خوشيءَ سان بکر 1587ع ۾ اڪبر بادشاهہ حوالي ٿيڻ ۽ لاڙ سنڌ 1592ع ۾ ترخانن کان فتح ٿيڻ مغل گورنر آندا. 1600-1700ع وارا سال سنڌين پاران وڃايل آجپو موٽائي وٺڻ لاءِ جدوجهد وارو عرصو هئا. فارسي ڏاهپ، ڪن ٿورن جهڙوڪ معصومي ۽ ٻين کي ڇڏي، ساڳي ٻيٺل پاڻيءَ ۽ ڏاريائپ واري سوچ جو عنصر نہ ڇڏيو. انهن حالتن هيٺ شاعرن فارسي شاعري ڇڏي بلڪل سنڌي ماحولن سان نهڪندڙ سنڌي شاعري رَچي. ڌارين حاڪمن خلاف 200 سالن جي جدوجهد جي گهڙيل قومپرستيءَ جو نيٺ نتيجو شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ مضبوط قومپرست عنصرن جو اڀرڻ بڻيو. فارسي ڏاهپ ٺٽي ۾ پلجندي رهي. 1699ع ۾ هيملٽن ٺٽي ۾ 400 ڪاليج ڏٺا.

1701 کان 1843ع جي وچ تي فارسي آزاد ماحول ۾ اُسري، ڏاهن تي ڪو ڏر ڏهڪاءُ نہ هو ۽ اها سرڪاري ٻولي تي هلندي رهي.

1740ع البت فارسيءَ ٻوليءَ لاءِ سنڌ ۾ هڪ وڏيڪ تباهي آڻڻ وارو هو. نادر شاهه جيڪو پاڻ هڪ ايراني هو تنهن محمد شاهه دهليءَ واري سان ٿيل ناهه ذريعي سنڌ کي ايراني سلطنت ۾ ڳنڍائي ڇڏيو هو، پر جڏهن ڏنائين ته نور محمد ڪلهوڙو انهي ناهه کي مان نه پيو ڏئي ته سنڌ تي ڪاهه ڪيائين. سنڌ جي ڀنڊار (خزاني) مان سمورو سون ۽ گهڻا ڪٽڻ سان گڏوگڏ سنڌ جي پوري لائبريري پڻ کڻي ويو، جيڪا اڳتي هلي تباهيءَ جي ور چڙهي وئي. اهو هڪ وڏيڪ وڏو ڌڪ هو، جيڪو فارسيءَ کي لڳو هو، ۽ بدقسمتيءَ سان هڪ ايراني فاتح هٿان.

سنڌ ارڙهن صدين مان گهڻين دوران جيڪو سياسي امن ۽ خوشحالي ڏٺا، تنهن سنڌ ۾ عظيم فارسي ڏاها پيدا ڪيا. انهن جون لکڻيون ڪائنن اڳ پنين ٻن صدين ۾ ٿيندڙن کان بلڪل مَٺَ آهن.

انگريزن هٿان 1843ع ۾ سنڌ ۽ 1849ع ۾ پنجاب فتح ٿيڻ فارسيءَ کي پوري ڏکڻ ايشيا ۾ سرڪاري ٻوليءَ واري پَدَ تان مڪمل طرح هٽائي ڇڏيو.

انگريز، جن وٽ زبردست سياسي پروڙ هئي، ۽ هند کي 250 سالن کان ڄاتائون ٿي ۽ گڏوگڏ هند جي ڪوڙ سارن علائقن جو هڪ صديءَ تائين انتظام هلائڻ جو تجربو پڻ هئن، سمجهي ورتو هو ته مسلمانن جي هند تي 800 سالن جي راڄ ۽ فارسي ٻوليءَ جي سنڌ سان 2500 سالن جي ساٿ جي باوجود ٻه اها عام ماڻهوءَ تائين پاڙون نه پهچائي سگهي هئي. 1837ع ۾ برٽش پارليامينٽ فارسيءَ جي جاءِ تي انگريزيءَ سان گڏوگڏ ديسي ٻولين کي سرڪاري ٻوليون ڪري آڻڻ جو فيصلو ڪري ورتو هو، تنهنڪري ڪمشنر ان سنڌ سَر بارٽل فريئر 1853ع ۾ سنڌي الفابيٽ جا معيار مقرر ڪيا، سال ۾ ٻه ڀيرا سنڌيءَ جا امتحان ڪرايائين ۽ هر سينٽر تان پهريان ٽي نمبر کڻندڙ اميدوارن کي نوڪريون ۽ اسڪالرشپون آڇيائين.

نتيجو اهو ٿيو ته سنڌيءَ کي هيٺين انتظامي سطحن تي فارسيءَ جي جاءَ وٺڻ ۾ ڪجهه ئي سال لڳا. مٿين انتظامي سطحن تي انگريزي ئي هلڻي هئي. 45 سينٽرن مان امتحان پاس ڪندڙ اميدوارن کي ڏنيون ويندڙ اسڪالرشپن انگريزي ڄاڻندڙ ڪلرڪ ۽ ٻيا عملدار پيدا ڪيا ۽ فارسي پنهنجو ڪارج وڃائي ويني.

انگريزن البت ڄاتو ٿي ته ماڻهن جي پوئين تاريخ ۽ سَڀاءُ (ثقافت) ڏکڻ ايشيا ۾ سرجيل فارسي ادب ۾ موجود آهن. وارِن هسٽِنگس پاران 1783 ۾ پيڙهه رکيل ڪلڪتي واري ايشياٽڪ سوسائٽي آف بنگال ۽ 1830 ۾ نهيل رائل ايشياٽڪ سوسائٽي لنڊن فارسي نسخن منجهان ٽڪرا ڇپائڻ شروع ڪري ڇڪيون هيون ۽ ويندي ڪجهه فارسي نسخن جا پورا ترجما پڻ ڇپايا ويا. اڻويهين صديءَ جي

وچ ڏاري تائين اصل فارسي نسخا ڇپائڻ جي گهرج محسوس ڪئي وئي. هي ٻنهي سوسائٽين پاران ٻبليوٿيڪا انڊيڪا سلسلي هيٺ ڪيو ويو. 1847 ڏاري تائين سمورا اهم تاريخي فارسي نسخا ۽ ڪيترائي صوبائي نسخا هنن ٻنهي سوسائٽين پاران ڇپائجي چڪا هئا.

اوپر (ايشيا) جي اڀياسن ۾ دلچسپي قائم رکڻ لاءِ انگريزن فارسيءَ کي ميٽرڪيوليشن تائين جي نصاب ۾ ٻين ڏاري ٻولي ڪري آندو. سنڌ ۾ 95 سيڪڙو شاگرد، هندو توڙي مسلمان ٻئي، ميٽرڪيوليشن تائين فارسي پڙهندا هئا. سنڌين انهي مان سنڌي ٻوليءَ کي اوسارڻ جو وڏو فائدو ورتو. 1853 کان 1940ع تائين سرجيل سنڌي ادب ۾ هندو توڙي مسلمانن ٻنهي سولا فارسي لفظ آزاديءَ سان ۽ وري وري ڪم آندا. ڪوڙ سارا هندو پروفيسر ۽ استاد هئا جيڪي ڪاليجن ۽ اسڪولن ۾ فارسي پڙهائيندا هئا. ڊاڪٽر گربخشاڻي، جنهن شاهه جي رسالي جي ٽن جلدن تي ٻڌل سمجهاڻي لکي، فارسيءَ ۾ پي ايچ ڊي هو. ڊاڪٽر سدارنگاڻي ”لائبريري هسٽري آف پرشين پوئٽس آف سنڌ“ لکيو. فارسي سنڌ ۾ جيئري رهي. اها ڪم اچڻ جوڳي هئي ۽ ڪارج هئس. ان سنڌي ٻولي، سنڌ جي تاريخ ۽ ماضيءَ جي سَياءَ (ثقافت) کي اوسارڻ ۾ مدد پئي ڏني. منجهس وڏي انگ ۾ آڳاٽا ڪم هئا، جن ۾ سنڌ جي هزار سالن جي تاريخ، جاگرافي، پراڻن آثارن ۽ سماجي حالتن جي ڇنڊڇاڻ ٿيل هئي. منجهس هندن توڙي مسلمانن ٻنهي جي مڃڻ جوڳو صوفي ادب هو. سڀ کان مٿي منجهس طبي ۽ مذهبي ادب جو تمام وڏي ڀنڊار هو.

1947ع ۾ آزاديءَ ۽ پاڪستان جي نهڻ اردوءَ کي سرڪاري ٻولي ڪري آندو. اها انتظام جي ميدان ۾ انگريزيءَ جاءِ نه وٺي سگهي. ٽيڪنيڪي تحقيقن ۽ انهن جي لاڳو ڪرڻ ۾ اها اڻپوري هئي. تنهنڪري انگريزي هلندي رهي. اردو نالي ماتر سرڪاري ۽ قومي ٻولي هئي.

تعليم جي ميدان ۾ اردوءَ کي گهربل اهميت ڏيڻي هئي. تعليمدانن کي شاگردن تي ڪل وقت جو اوترو وزن وجهڻو هو جيترو اهي کڻي سگهن. اردو ۽ اسلاميات کي نوان مضمون ڪري آڻڻو پيو. جيڪو مضمون ڇڏڻو پيو، سو هو فارسي. سنڌي ٻولي پنهنجي اوسر لاءِ سدائين اردوءَ بجاءِ فارسيءَ کي ڪم آڻيندي رهي هئي، پر فارسي پڙهڻ پاڪستان ۾ اڳيئي پوئتي پئجي چڪو هو.

سنڌ ۽ پاڪستان ۾ فارسي هٿ لکيل ڪتابن جو وڏو ڀنڊار موجود آهي. اهي سڀ جو سڀ مقامي تاريخ ۽ سَياءَ بابت آهن. هنن منجهان اٽڪل ويهه سنڌي ادبي بورڊ آزاديءَ کان هيل تائين ڇپرايا آهن. ٻئي هنڌ پوري پاڪستان ۾ هن جي اڌ جيترا به ناهن ڇپيا. هي انگريزن پاران اٽڪل هڪ صديءَ ۾ ڪيل ڪم جو رڳو هڪ ڀاڱو آهي. سنڌي ادبي بورڊ پاران پنين 33 سالن ۾ صرف چار فارسي نسخا

ترجمو ڪيا ويا آهن. هي ڪم هٿ ۾ ڪڻڻ لاءِ فارسي ڄاڻندڙن جي کوٽ آهي. سچ اهو آهي تہ يونيورسٽيون فارسيءَ جا سنا ڄاڻُو نٿيون پيدا ڪن پيون.

پنهنجي سَيائتي (ثقافتي) ورثي ۽ تاريخ کي سمجهڻ لاءِ اسان کي اڄ بہ فارسيءَ جي گهرج آهي. اسان اها تعليمي ادارن ۾ زوريءَ نٿا مڙهي سگهون. ان جو ڪو گهٽو استعمال ڪونهي، تنهنڪري کيس لازمي ڪري لاڳو ڪرڻ نهي نٿو.

اسان کي پنهنجي سَيائتي ورثي ۽ تاريخ جي اڀياس لاءِ ڪو ادارو ناهڻو پوندو. هي ادارو سمورن قسمن جا فارسي هٿ لکيل نسخا ڳولي هٿ ڪندو، انهن کي پڙهندو، پرکيندو پروڙيندو، ڇپرائيندو ۽ ترجما ڪندو. رڳو اهو ئي طريقو آهي جنهن سان اسان پنهنجو ماضي سمجهڻ لاءِ فارسي ٻوليءَ، ان جي ڪارج ۽ ورثي کي جياري رکي سگهون ٿا.“

فاضل ڏاهي پلي جو پنهنجي تقرير جو عنوان فارسي ٻوليءَ بابت رکيو آهي، پر اصل ۾ تہ روئٽا عرب ۽ ايراني فاتحن توڙي خود سنڌي راڄ ڏٽين، رڳو سومرن ۽ سمن کي ڇڏي، هٿان سنڌي ٻوليءَ جي تباهيءَ يا کيس گهربل مانُ نہ ملڻ جا رُنا اٿس. جيڪڏهن سندس ان چوڻ تہ: ”شاهہ بيگ ۽ شاهہ حسن ارغون جي سنڌ تي راتاهن، ڪاهُن ۽ فتح ۽ انهن هٿان سنڌ جي ڳوٺن ۽ شهرن جي تباهي، ڦُر لُٽ ۽ ڪوسَ سنڌي ٻوليءَ جو يارهين صديءَ جي مُنڍ ۾ سومرن جي چڙهڻ لاڪر سرجيل ادب تباهہ ڪري ڇڏيو“ کي ڌيان ۾ رکندي انگريزن جي اچڻ کان پاڪستان جي ٺهڻ ۽ ان ڪانپوءِ جي واقعن ۽ حالتن کي اکين آڏو ڦيرائجي تہ لڳ ڀڳ ساڳي ئي تاريخ ورجائبي لڳندي، جنهن هيٺ انگريزن هٿان سنڌي ٻوليءَ جي اوسارجڻ ۽ وري پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ ان کي اردوءَ جي روپ ۾ ڪَٽُ (زنگ) لڳندي چِٽو ڏسي سگهجي ٿو.

محقق ٽيڪنيڪي تحقيقن ۽ انهن جي لاڳو ڪرڻ ۾ اڻپوري هجڻ واري جيڪا اوڻائي اردوءَ ۾ ٻڌائي آهي، اها سنڌيءَ ۾ پڻ چِٽي ڏسي سگهجي ٿي، جيڪا سندس بين الاقوامي حيثيت ماڻڻ ۾ هڪ وڏي رنڊڪ آهي.